
# فيضانِ امام بخاري (رحمة الله عليه)

سنڌي



امام بخاري رحمة الله عليه
کا مزار مبارک

پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: فيضانِ امام بخاري رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه

ڇاپو پهريون: رمضان المبارڪ 1442هـ مئي 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# فيضانِ امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست


فيضانِ امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ........ 1
دعاءِعطار: ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
اکين جو نور موٽي آيو (حڪايت) ........ 1
امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو تعارف ........ 2
امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو والدِ محترم ........ 3
نيڪ والدين جون برڪتون ........ 4
بدنصيب ماڻس ۽ پيءُ (حڪايت) ........ 4
نيڪ ڪمن سان گڏ حرام جو ڏيڻ وٺڻ ........ 5
خوفناڪ آواز ........ 6
نيڪ والدين جون برڪتون ........ 7
امام بُخاري تي ڪرم مصطفيٰ ........ 7
اُستاد جي نظر ڪٿي ڪان ڪٿي پهچائي ڇڏيو(حڪايت) ........ 8
40 سال تائين سُڪل ماني کائيندا رهيا ........ 8
باڪمال حافظو(حڪايت) ........ 8
70 هزار حديثن جا حافِظ ........ 9
حافظي جي مضبوطي جو راز ........ 10
امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي حديث تي مهارت ........ 10
بخاري شريف ڪيئن لکي؟ ........ 11

بخاري شريف جي مقبوليت ........ 11
بخاري شريف جي عظمت ۽ شان ........ 12
امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون مبارڪ عادتون ........ 12
امام بخاري جو روزگار ........ 13
ماکيءَ ڏنگيو (حڪايت) ........ 14
مسجد جو اَدب ........ 14
ڪڏهن غيبت ڪونہ ڪئي ........ 15
نيت بدلڻ پسند ناهيان ڪندو (حڪايت) ........ 15
سيلزمين جي لاءِ خوف جي ڳالھ ........ 16
استادن ۽ شاگردن جو تعداد ........ 16
امام بخاري جي نصيحت ........ 16
محبوبِ باري جي دربار ۾ امام بخاري جو انتظار ........ 17
امام بخاري جي مزار جون برڪتون ........ 18

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضانِ امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

## دعاءِ عطار:

ياالله پاڪ! جيڪو مڪمل رسالو "فيضان امام بخاري" پڙهي يا ٻڌي وني اُن کي حضرت امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عشق رسول مان حصو عطا فرماءِ ۽ اُن جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهي، الله پاڪ ان تي 10 ڀيرا درود (يعني رحمت) نازل فرمائيندو. (مسلم شريف، ص 172، حديث:912)

ذاتِ والا پہ بار بار درود | بار بار اور بے شمار درود
سر سے پا تک کرور بار سلام | اور سراپا پہ بے شمار درود

## اکين جو نور موٽي آيو (حڪايت)

هڪ ننڍڙي ٻار جو پيءُ ننڍپڻ ئي ۾ وصال ڪري ويو هو، قدرت طرفان ٿيو ائين جو ننڍپڻ ئي ۾ اکين جي روشني به ويندي رهي. سندن نيڪ سيرت ماءُ کي ڏاڍو ڏک پهتو، ان پنهنجي ٻار جو علاج به ڪرايو پر ان جي اکين جي روشني واپس ڪونه اچي سگهي، هاڻي ته ويچاري ماءُ ويتر گهڻو پريشان ٿي، هن صَدمي سبب

روئيندا رهيون ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ٻاڏائي پنهنجي پٽ جي اکين جي روشني جي واپسي لاءِ دعا گهرنديون هيون. هڪ رات ننڊ ۾ قسمت جو ستارو چمڪي پيو، دل جون اکيون کلي پيون، خواب ۾ ڏٺائين تہ الله پاڪ جا پيارا نبي حضرت سيدُنا اِبراهيم خليلُ الله عَلَيهِ السَّلام تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون ”اوهان پنهنجي پٽ جي نور جي واپَسي جي لاءِ دعائون گهرنديون رهنديون آهيو. مبارَڪ هجي جو اوهان جي دعا قَبول ٿي چڪي آهي، الله پاڪ اوهان جي پٽ جي اکين جو نور موٽائي ڏنو آهي.“ صُبح جو اٿي ڪري جڏهن ماءُ پنهنجي ننڍڙي ٻار کي ڏٺو تہ اَلحَمدُلِلّٰه! ان جون اکيون (Eyes) روشن ٿي چڪيون هيون. (تَفهيمُ البخاري،۴/۱ ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا توهان کي خبر آهي تہ اهو خوشنصيب ٻار ڪير هو؟ جي ها! هيءُ ننڍڙو ٻار اڳتي هلي تمام وڏو عالم ۽ محدث بڻجي دنيا ۾ ظاهر ٿيو، جن کي ماڻهو ”امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه“ جي نالي سان سُڃاڻين ٿا. **الله رب العزت جي ان تي رحمت هجي ان جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو تعارف

حضرت سَيدُنا امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت مشهور شهر بُخارا ۾ 13شَوّال 194 (هجري) جمعي جي ڏينهن ٿي. امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو نالو محمد ۽ ڪنيت اَبُو عَبدُالله آهي. (فتح الباري،452/1)

سندن لقبن مان هي بہ آهن: اَمِيرُ المُؤمِنِين فِي الحَدِيث،حافِظُ الحَدِيث، مُحَدّث، مُفتِي، حِبرُ الاِسلام، سيّدالفقهاء والمحدثين، امام المسلمين ۽ شيخ المؤمنين وغيره. (سيراعلام النبلاء، جلد10/293،299، طبقات الشافعيہ الكبريٰ، 2/212، مقدمہ نزهة القاري 1/106، الاعلام للزركلي،6/34)

## امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا والدِ محترم

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا والدِ مُحترم حضرتِ اسماعيل بن ابراهيم ڪروڙين مالڪين جي امام، امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا شاگرد ۽ ولي ڪامل حضرت عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا صحبت يافتہ هئا. انهن جي تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو اهو عالم هو تہ پنهنجي مال ۽ دولت کي شبهات (اهڙين شين جن جي حلال يا حرام هئڻ ۾ شبهو هجي اُن) کان بچائيندا هئا. وصال شريف جي وقت پاڻ ارشاد فرمايائون: مون وٽ جيتري قدر مال آهي منهنجي علم جي مطابق هن ۾ هڪ بہ شبهي وارو درهم ناهي. (ارشادالساري، /55)

**الله ربُّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

نہ مجھ کو آزما دنیا کا مال و زر عطا کر کے
عطا کر اپنا غم اور چشم گریاں یا رسول اللہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ والدين جون برڪتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي والِدِ محترم جي تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي ڇا ڳالهه ڪجي، واقعي شبهي واري مال کان بچڻ وڏو ڪمال آهي، پر افسوس! اڄڪلهه شبهي واري مال کان بچڻ تہ پري جي ڳالهه ماڻهو حرام ڪمائڻ کان بہ نٿا بچن، ياد رکو! حرام مال جي وڏي نحوست آهي، حرام مال ڪيئي نسلن کي تباهہ ۽ برباد ڪري سگهي ٿو. پنهنجي اولاد جي شريعت ۽ سنت جي مطابق پروش ڪرڻ سان گڏوگڏ حلال ڪمائڻ ۽ حلال کائڻ، کارائڻ جو ضرور خيال رکڻ گهرجي نہ تہ ياد رکو جو حرام مال کائڻ، کارائڻ جي نحوست سان قيامت جي ڏينهن سخت سزا جي صورت ۾ ٿي سگهي ٿي، هڪ دردناڪ روايت پڙهو ۽ حلال ڪمائڻ، کائڻ جي فڪر ڪيو پڻ الله نہ ڪري ڪڏهن حرام گرهہ حاصل ڪيو هجي تہ ان کان بہ سچي توبہ ڪري ان جي باري ۾ ڪنهن سني مفتي صاحب کان رهنمائي وٺي ڇوٽڪاري جي صورت ڳڻايو نہ تہ سخت پريشاني ٿي سگهي ٿي.

## بدنصيب مڙس ۽ پيءُ (حڪايت)

روايت ۾ آهي: مرد سان تعلق رکڻ وارن ۾ پهريان سندس زال ۽ اولاد آهي، اهي سڀ (يعني زال، ٻار قيامت جي ڏينهن) الله پاڪ جي سامهون بيهي عرض ڪندا: اي اسان جا ربّ! اسان کي هن شخص کان اسان جو حق وٺي ڏي، ڇوتہ هن ڪڏهن اسان کي ديني معاملن جي تعليم نہ ڏني ۽ اسان کي ”حرام“ کارائيندو هو جنهن جو اسان کي علم نہ هو پوءِ ان شخص کي ”حرام ڪمائڻ“ تي ايتري قدر

ماريو ويندو جو ان جو گوشت چٽڻ لڳندو پوءِ ان کي ميزان وٽ آندو ويندو، ملائڪ جبل جي برابر ان جون نيڪيون آڻيندا تہ ان جي عيال(يعني گهر وارن) مان هڪ شخص اڳتي وڌي چوندو: منهنجون نيڪيون گهٽ آهن. تہ اهو ان جي نيڪين مان ڪٽي وٺندو، پوءِ ٻيو اچي چوندو: تو مونکي وياج کارايو هو. ۽ اهو بہ ان جي نيڪين مان ڪٽي وٺندو، هن طرح ان جا گهر وارا ان جون سڀئي نيڪيون ڪٽي ويندا ۽ اهو پنهنجي اهل و عيال جي طرف وڏي مايوسي سان ڪٽي ويندا ۽ اهو پنهنجي اهل و عيال جي طرف مايوسي مان ڏسي ڪري چوندو: هاڻي مون تي اهي گناهہ ۽ ظلم رهجي ويا آهن جيڪي مون توهان جي لاءِ ڪيا هئا. ملائڪ چوندا: هي اهو (بدنصيب) آهي جنهن جون نيڪيون ان جا گهر وارا ڪٽي ويا ۽ هي پاڻ انهن جي ڪري جهنم ۾ ويو هلي. (قرة العيون، ص 401)

يارب بچالے تو مجھے نار جحیم سے
اولاد پر بھی بلکہ جہنم حرام ہو

## نيڪ ڪمن سان گڏ حرام جو ڏيڻ وٺڻ

الله پاڪ جي پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن ڪجهہ ماڻهن کي پيش ڪيو ويندو جن وٽ ”تِهَامه جبل“ جي برابر نيڪيون هونديون پر جڏهن انهن کي آندو ويندو تہ الله پاڪ انهن جي تمام نيڪين کي باطل قرار ڏيندو ۽ پوءِ انهن کي دوزخ ۾ اڇلايو ويندو. عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ان جو ڇا سبب آهي؟ ارشاد فرمايائو: اهي ماڻهو نماز پڙهندا، روزا رکندا، زڪوٰة ڏيندا ۽ حج ڪندا هئا پر جڏهن انهن جي سامهون ڪا حرام شيءِ ايندي

هئي تہ ان کي وڻندا هئا جيئن تہ الله پاڪ انهن جا عمل باطل ڪري ڇڏيا آهن. (ڪتاب الڪبائر، ص 136)

## خوفناڪ آواز

هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن حرام جي ڪا شيءِ کاڌي ان جي پيٽ ۾ باهہ ڀڙڪائي ويندي ۽ اهو جنهن وقت پنهنجي قبر مان اٿندو سڀ مخلوق ان جي ڀيانڪ آواز سان ڪنبڻ لڳندي ايستائين جو الله پاڪ مخلوق جي درميان جيڪو فيصلو فرمائڻو آهي سو فرمائي ڇڏي. (قرة العيون، ص 392)

جو دکانیں خیانت سے چمکائیں گے ! کیا انہیں زم کے انبار کام آئیں گے !
قہرِ قہار سے کیا بچا پائیں گے ! جی نہیں، نارِ دوزخ لے جائیں گے

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن والدين قرآنِ ۽ حديث تي عمل ڪرڻ وارا خوف خدا وارا هوندا تہ اولاد بہ ماءُ پيءُ جي فيضان سان تقويٰ ۽ پرهيزگاري جون منزلون باآساني طئي ڪندو آهي. امام بخاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي والدينِ ڪريمين جي عبادت ۽ پرهيزگاري جو دنياوي فائدو جيڪو هنن حضراتن کي مليو اهو پنهنجي پٽ جي ”اِمامُ المُحَدّثين“ هئڻ جي صورت ۾ مليو، جن کي رهندي دنيا تائين ماڻهو ”**امام بخاري** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه “ جي نالي سان ياد رکندا ۽ سندن جي لکيل مشهور ڪتاب: ”**صحيح بخاري**“ جي فيضان کان مالامال ٿيندا رهندا.

بے ادب ماں باادب جن سکتی نہیں معدنِ زر معدنِ فولاد بن سکتی نہیں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ والدين جون برڪتون

حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما فرمائن ٿا: ”بيشڪ الله پاڪ انسان جي نيڪوڪاري سان ان جي اولاد ۽ اولاد جي اولاد جي اصلاح فرمائيندو آهي ۽ ان جي نسل ۽ ان جي پاڙيسرين ۾ ان جي حفاظت فرمائيندو آهي ۽ اهي سيئي الله پاڪ جي طرفان پردي ۽ اَمان ۾ رهندا آهن.“ (تفسيرِ در منثور،422/5)

پیرومرشد پر مرے ماں باپ پر ہو سدا رحمت اے نانائے حسین

## امام بُخاري تي ڪرمِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حديثِ پاڪ جي مبارڪ دنيا ۾ جيڪو مقام ۽ مرتبو امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي حاصل ٿيو اهو مثالي نمونو آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي لکين حديثون زباني ياد هيون. سندن تي الله پاڪ ۽ ان جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خُصوصي فضل ۽ ڪرم هو. امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ ڀيرو خواب ڏٺو تہ مان الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسم پاڪ تي وينڌل مکيون هٽائي رهيو آهيان، خواب ڏسي پاڻ پريشان ٿي ويا تہ حضور نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسم مبارڪ تي مک تہ ويهندي ئي ڪونہ هئي. علماءِ ڪرام خواب جي اها تعبير ٻُڌائي: تہ توهان کي مبارڪ هجي توهان حديثن ۾ جيڪو ردّ و بدل ٿي ويو آهي ان کي پاڪ و صاف ڪندؤ. (مقدمہ فتح الباري، الفصل الاول، 9/1)

## اُستاد جي نظر ڪٿي ڪان ڪٿي پهچائي ڇڏيو (حڪايت)

حضرتِ امام محمد بن اسماعيل بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قابل ترين شاگرد امام محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيا ۽ فقه ۾"ڪتاب الصلوٰة" سکڻ لڳا. امام محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن انهن جي طبيعت ۾ علمِ حديث جي طرف رغبت ڏٺي ته ان کي فرمايائون:"توهان وڃو ۽ علمِ حديث حاصل ڪيو." پوءِ جڏهن اِمام بخاري پنهنجي استاد جو مشورو قبول ڪيو ۽ علمِ حديث حاصل ڪرڻ شروع ڪيو ته ڏسڻ وارن ڏٺو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام آئمه حديث کان اڳتي وڌي ويا. (راهِ علم، ص36، تعليم المتعلم، ص52)

## 40 سال تائين سُڪل ماني کائيندا رهيا

اي عاشقانِ امام بُخاري! امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه طلبِ عِلم جي دوران بعض اوقات سُڪل گاهه کائي به وَقت گذاريو، ڪڏهن ڪڏهن ته هڪ ڏينهن ۾ عام طور تي صِرف ٻه يا ٽي بادام کائيندا هئا. هڪ ڀيرو بيمار ٿي پيا، طبيبن (يعني ڊاڪٽرن) ٻڌايو ته سُڪل ماني کائڻ جي ڪري سندن آندا سڪي ويا آهن، ان وَقت پاڻ ٻڌايائون ته مان 40 سالن (Forty Years) کان سڪل ماني کائي رهيو آهيان ۽ ان عَرصي دوران ٻوڙ کي بلڪل به هٿ نه لڳايو. (تذکرة المحدثين،ص١٨٢)

## باڪمال حافظو (حڪايت)

حضرت محمد بن اَبِي حاتِم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مون حاشد بن اسماعيل ۽ هڪ ٻي بزرگ کان ٻڌو ته حضرت سَيِدُنا امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ننڍي عُمر ۾ اسان سان گڏ حديث جي لاءِ بَصره جي عالمن

سڳورن جي خدمت ۾ حاضِر ٿيندا هئا، امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان علاوه اسان تمام ساٿي حديثن کي محفوظ ڪرڻ جي لاءِ لکي وٺندا هئاسين، سورهن ڏينهن (Sixteen Days) گذري وڃڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن اسان امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي چيو تہ توهان حديثون محفوظ نہ ڪري ايترن ڏينهن جي محنت ضايع ڪري ڇڏي. اهو ٻڌي امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اسان کي چيو: چڱو توهان پنهنجا لکيل صَفحا کڻي اچو، پوءِ اسان پنهنجا پنهنجا صَفحا کڻي آياسين، امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديثون ٻڌائڻ شروع ڪيون، ايستائين جو اُنهن پندرهن هزار (15000) کان وڌيڪ حديثون ٻَيان ڪري ورتيون، جن کي ٻڌي اسان کي اهو گُمان ٿيندو هو تہ جڻ اسان کي اهي روايتون امام بُخاري رَحْمَةُاللهِعَلَيْه ئي لکرائيون آهن. (ارشاد الساري، ترجمة الامام بخاري، ۵۹/۱)

## 70 هزار حديثن جا حافِظ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جنهن ڪتاب کي هڪ نظر ڏسي وٺندا هئا اها سندن کي ياد ٿي ويندي هئي. تحصيل علم جي ابتدائي دور ۾ انهن کي 70 هزار حديثون زُباني ياد هيون ۽ بعد ۾ ٿي لکن جي تعداد تائين وڃي پهتيون، هڪ ڀيري حضرت سَيدُنا سُلَيمان بن مجاهد رَحْمَةُاللهِعَلَيْه حضرت سَيدُنا محمد بن سلام رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ حاضِر ٿيو تہ حضرت سَيدُنا محمد بن سلام رَحْمَةُاللهِعَلَيْه حضرت سَيدُنا سُلَيمان بن مجاهد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي فرماياٰئون: جيڪڏهن اوهان ڪجهہ دير پهريان اچو هان تہ مان اوهان کي اهو ٻار ڏيکاريان هان جيڪو ستر هزار(70,000) حديثن جو حافِظ آهي. اها حَيرت انگيز ڳالهہ ٻڌي حضرت سَيدُنا سُلَيمان رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي دل ۾ امام بُخاري رَحْمَةُاللهِ

عَلَيۡهسان ملاقات جو شوق پيدا ٿيو، پوءِ حضرت سَيدُنا محمد بن سلام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهجي بارگاھ مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ حضرت سَيدُنا سُلَيمان بن مجاھد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ڳولڻ شروع ڪيو، جڏھن (امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان) ملاقات ٿي تہ حضرت سَيدُنا سُلَيمان بن مجاھد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اِرشاد فرمايو: چا سَتَّر ھزار (70,000) حديثن جا حافِظ اوھان ئي آھيو؟ اھو ٻڌي امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عَرض ڪيو: جي ھا! مان ئي اھو حافِظ آھيان، بلڪ مون کي ھن کان بہ وڌيڪ حديثون ياد آھن ۽ جن صحابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان ۽ تابِعين کان مان حديث رِوايت ڪيان ٿو ان مان اڪثرن جي تاريخ پيدائش، رھائش ۽ تاريخ وِصال جي بہ ڄاڻ رکان ٿو. (ارشاد الساري،ترجمة الامام البخاري،۱/۵۹)

## حافظي جي مضبوطي جو راز

امام بخاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان پڇيو ويو: چا حافظي کي مضبوط ڪرڻ جي بہ ڪا دوا آھي؟ پاڻ فرمايائون: دواء جي تہ مونکي خبر ناھي، البتہ مون انتھائي ۽ استقامت سان مطالعو ڪرڻ کي قوّتِ حافظ جي لاءِ وڏو فائديمند پاتو آھي. (فتح الباري 460/1)

## امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي حديث تي مھارت

محمد بن اسحاق بن خُزيمہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون آسمان جي ھيٺان محمد بن اسماعيل بخاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان وڌيڪ حديث جو ڪو عالم ۽ حافظ ناھي ڏٺو ايستائين جو چيو ويندو ھو تہ جنھن حديث کي"محمد بن اسماعيل" نٿا ڄاڻن اھا حديث ئي ناھي.

## بخاري شريف ڪيئن لکي؟

امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: مون جڏهن بہ پنهنجي ڪتاب (صحيح بخاري) ۾ ڪا حديث لکڻ جو ارادو ڪيو تہ ان کان پهريان غُسل ڪيو، بہ رَڪعَت نفل نماز ادا ڪئي، مون ”صحيح بُخاري“ ۾ تقريبا ڇهہ هزار (6000) حديثون لکيون آهن، سؤ سال جي عرصي ۾ هن ڪتاب کي لکيو ۽ اهو ڪتاب منهنجي ۽ الله ڪريم جي درميان حُجّت(يعني دليل) آهي. (المستطرف، 40/1)

## بخاري شريف جي مقبوليت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هونئن تہ امام بخاري ڪيئي ڪتاب لکيا آهن، پر جيڪا مقبوليت ۽ شهريت”بخاري شريف“ کي ملي ايتري قدر ڪنهن بي ڪتاب کي حاصل نہ ٿي سگهي، امام ابو زيد مَروَزِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان هڪ ڀيرو مڪي شريف ۾ مقامِ اِبراهيم ۽ حَجَرِاَسوَد جي وچ ۾ ستو پيو هئس تہ منهنجو نصيب جاڳيو ۽ خواب ڏٺو تہ حُضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي رهيا آهن: اي ابو زيد! شافِعِي جي ڪتاب جو دَرس ڪيستائين ڏيندي، اسان جي ڪتاب جو دَرس ڇو نٿا ڏيو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون عَرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي جان اوهان تي قربان! اوهان جو ڪتاب (Book) ڪهڙو آهي؟ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايائون: جامع محمد بن اسماعيل يعني امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ڪتاب ”بخاري شريف“. (بستان المحديثين،ص ٢٧٥)

## بخاري شريف جي عظمت ۽ شان

اي عاشقانِ رسول! بخاري شريف جي باري ۾ چيو ويجي ٿو: ”اَصَحُّ الكتبِ بعدَ كِتَابِ اللّٰهِ اَلصَّحِيْحُ الْبُخَارِیُ يعني قرآنِ ڪريم کان پوءِ سڀ کان درست ڪتاب ”صحيح بخاري“ آهي. هن ڪتاب جو پورو نالو: اَلْجَامِعُ الْمُسْنَدُ الصَّحِيْحُ الْمُخْتَصَرُ مِنْ اُمُوْرِ رَسُوْلِ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وَ سُنَنِه وَاَيَّامِه آهي.

حضرتِ علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بُزرگن لکيو آهي: جيڪڏهن ڪنهن مشڪل ۾ ”صحيح بخاري“ کي پڙهيو وڃي تہ اها مشڪل پري ٿي ويندي آهي ۽ اها جنهن ٻيڙي ۾ هجي اها ٻڏندي ڪونہ، قحط سالي ۾ هن کي پڙهيو وڃي تہ بارش ٿي ويندي آهي. حضرت امام اَصيل الدين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائين ٿا: مان پنهنجي ۽ ٻين جي مشڪلاتن ۽ پريشانين جي لاءِ ”صحيح بخاري“ جو 120 ڀيرا ختمو ڪيو پوءِ سڀئي مرادون ۽ ضرورتون پوريون ٿيون، اهي سڀئي برڪتون سرورِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون آهن. (مرقاة،54/1)
حضرتِ مفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مصيبتن ۾ ختمِ بخاري ڪيو ويندو آهي، جنهن جي برڪت ۽ الله پاڪ جي فضل سان مصيبتون ٽري وينديون آهن. (مرآة المناجيح،11/1 مفهوماً)

## امام بُخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جون مبارڪ عادتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! رات ڏينهن هڪ ڪري پنهنجي مقصد کي پورو ڪرڻ جي جذبي سان ئي ڪاميابيءَ ترقي حاصل ڪري سگهجي ٿي، فضوليات ۾ ڏينهن رات ضايع ڪرڻ ۽ راتين جو غفلت ۾ سمهڻ وارا ڪاميابي جي سيڙهي تي ناهن چڙهي سگهندا،

امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عيش و عشرت سان تمام پري رهندا هئا، شبهات کان بچڻ والدِ محترم کان وراثت ۾ مليو هو، حقوق العباد جي پاسداري ۾ بہ پنهنجي مثال پاڻ هئا. عشقِ رسول جي ڪيفيت اها هئي تہ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وار مبارڪ پاڻ وٽ رکندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي غذا تمام گهٽ هئي. پنهنجي نيت جي خوب حفاظت ڪندا هئا.

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ذوقِ عبادت بہ بيمثال هو، سڄي رات جاڳي ڪري عبادت ڪندا هئا، تمام گهڻا نفل ادا ڪندا هئا، نفلي روزا، روزانو آڌي رات جو اٿي ڪري 10 سيپارن جي تلاوت، ماهِ رمضان ۾ روزانو هڪ ختمو قرآن، تراويح ۾ قرآن جو ختمو سندن جي معمولات ۾ شامل هو. (سيراعلام النبلاء، 3030/10، تهذيب الاسماء واللغات،93/1، طبقات الشافعيہ، 224/2)

## امام بخاري جو روزگار

امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هاري ۽ واپاري هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي والدِ محترم جي وراثت مان تمام گهڻو مال مليو، جنهن کي مضاربت[1] جي طور تي ڏيندا هئا. (مصابيح الجامع للدماميني،49/5، فتح الباري،454/1) هڪ ڀيرو پاڻ فرمايائون: مونکي هر مهيني 500 درهم ڪمائي ٿيندي هئي ۽ مان اها سڄي ڪمائي علم جي طلب ۾ خرچ ڪري ڇڏيندو هيس. (سير اعلام النبلاء،309/10)

[1] مضاربت جي تعريف: مضاربت ان کي چوندا آهن تہ ڪو شخص پنهنجو مال ڪنهن کي انهيءَ شرط تي واپار جي اِرادي سان ڏئي تہ منافعي ۾ ٻئي شريڪ ٿيندا ۽ نقصان مالڪ برداشت ڪندو.

## ماڪيءَ ڏنگيو (حڪايت)

امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڏينهن نماز پڙهي رهيا هئا، ماڪيءَ سندن کي 17 جڳهن تان ڏنگيو، نماز پوري ڪرڻ کان پوءِ فرمايائون: ڏسو ته ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا نماز ۾ مونکي ڏنگي رهي هئي، شاگردن ڏٺو ته سندن پٺي مبارڪ ستره (17) جڳهن تان سُڄيل هئي. امام بخاري ماڪيءَ جي 17 ڏنگ هڻڻ جي باوجود نماز نه ٽوڙڻ جي متعلق ٻڌايو ته مان هڪ آيت جي تلاوت ڪري رهيو هيس ۽ منهنجي اها خواهش هئي ته مان هيءَ آيت پوري ڪري وٺان. (هدي الساري مقدمہ فتح الباري ص 455)

**اي عاشقانِ نماز!** ڏٺو توهان نماز ۾ خشوع جو اَنداز! الله پاڪ! امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صدقي اسان کي به عبادت ۽ تلاوتِ قرآنِ ڪريم جي توفيق عطا فرمائي.

بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ گناہوں سے ہر دم بچایا الٰہی
عبادت میں گزرے مری زندگانی کرم ہو کرم یاخدایاالٰہی

## مسجد جو اَدب

حديثن جي مشهور ڪتاب ”صحيح البخاري“ جي مؤلف حضرت امام محمد بن اسماعيل بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڀيرو مسجد ۾ هئا، هڪ شخص پنهنجي ڏاڙهي مان ڪکُ ڪڍي مسجد جي فرش تي رکي ڇڏيو! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اٿي اهو ڪک ڪڻي پنهنجي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيو جڏهن مسجد کان ٻاهر نڪتا ته ان کي اڇلائي ڇڏيائون. (تاريخ ابن بغداد، 13/2)

## ڪڏهن غيبت ڪونہ ڪئي

امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان اميد ڪريان ٿو تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ هن حال ۾ حاضر ٿيندس جو اهو مونکان غيبت جو حساب ڪونہ وٺندو ڇوتہ مون ڪنهن جي غيبت ناهي ڪئي. (تاريخ بغداد،13/2)

## نيت بدلڻ پسند ناهيان ڪندو (حڪايت)

حضرت بڪر بن منير رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا: هڪ ڀيرو هڪ شخص امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وٽ سامان موڪليو، شام جو سندن وٽ واپاري آيا ۽ 5000 درهم جي نفعي تي سامان خريدڻ چاهيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: اَڄوڪي رات رڪجي وڃو، ٻي ڏينهن تاجرن جو ٻيو گروهہ آيو، انهن 10 هزار درهم جي نفعي سان خريدڻ جي پيشڪش ڪئي، امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: ڪالهہ جيڪي واپاري آيا هئا، مون انهن کي وڪڻڻ جي نيّت ڪري ورتي آهي. جيئن تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه انهن ئي کي سامان ڏنو ۽ ارشاد فرمايو: مان پنهنجي نيّت بدلڻ پسند ناهيان ڪندو. (تاريخ بغداد، 12/2)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** الله وارن جي بہ ڇا شان هوندي آهي ديني معاملو هجي يا دنياوي، هي حضرات ڪنهن بہ حال ۾ الله پاڪ جي خوف کان بي خوف ناهن ٿيندا بلڪ هر حال ۾ پنهنجي نيت ۽ دل جي حفاظت ڪندا آهن، ڪاش! اڄڪلهہ جا واپاري حضرات بہ امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيروي ڪندي سچائي ۽ ايمانداري سان ڪاروبار ڪن تہ روزي ۾ خير و برڪت سان گڏوگڏ خوب اجر ۽ ثواب ڪمائين.

## سيلزمين جي لاءِ خوف جي ڳالھ

امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن واپاري کي هر اُن شخص سان گڏ بيهاريو ويندو جنهن کي ان کا شيءِ وڪڻي هوندي ۽ جيترن ماڻهن سان ان ڏيڻ وٺڻ جا معاملا ڪيا هوندا انهن جي تعداد جي برابر هر هڪ جي باري ۾ ان کان حساب ورتو ويندو. (احياءالعلوم، 111/2)

عاشقِ مال اس میں سوچ آخر کیا عروج و کمال رکھا ہے؟
تجھ کو مل جائے گا جو قسمت میں تیری رزقِ حلال رکھا ہے

## استادن ۽ شاگردن جو تعداد

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه وصال ڪيائون تہ نوّي هزار (90،000) شاگرد مُحَدِّث ڇڏيا. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت،ص۲۳۸)

شارح بخاري مفتي شريف الحق امجدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه لکن ٿا: امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه جي استاد سڳورن جو تعداد هڪ هزار اَسّي (1080) آهي. (نزهة القاري،١/ ١١٩)

## امام بخاري جي نصيحت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه اڪثر هي شعر پڙهندا هئا:

اِغْتَنِمْ فِي الْفَرَاغِ فَضْلَ الرُّكُوعِ فَعَسٰى اَنْ يَّكُوْنَ مَوْتُكَ بَغْتَةً
كَمْ صَحِيْحٍ رَأَيْتُ مِنْ غَيْرِ سَقَمٍ خَرَجَتْ نَفْسُهُ الصَّحِيْحَةُ فَلْتَةً

ترجمو: (1) واندڪائي جي وقتن ۾ رڪوع ۽ سجود(يعني نفل نماز) کي غنيمت سمجهو، عنقريب توهان کي موت اچي ويندو.(2) مون ڪيترا اهڙا تندرست ڏٺا آهن جن کي ڪا بيماري ڪونہ هئي ۽ اچانڪ انهن جا روح پرواز ڪري ويا. (مڪاشفة القلوب،ص271)

آخرت کی کرو جلد تیاریاں    موت آکر رہے گی تمہیں بے گماں
موت کا دیکھو اعلان کرتا ہوا    سوئے گورِ غریباں جنازہ چلا
کہتا ہے، جام ہستی کو جس نے پیا    وہ بھی میری طرح قبر میں جائیگا
تم اے بوڑھو سنو! نوجوانو سنو    اے ضعیفو سنو! پہلوانو سنو!
موت کو ہر گھڑی سر پہ جانو سنو    جلد توبہ کرو میری مانو سنو!

## محبوبِ باري جي دربار ۾ امام بخاري جو انتظار

حضرت عبدُالواحِد طَوَاوِيسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ مون خواب ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان گڏ هڪ جڳهہ تي بيٺا هئا. مون پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ سلام عرض ڪيو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سلام جو جواب عطا فرمايو. پوءِ مون بيهڻ جو سبب معلوم ڪيو تہ پاڻ ارشاد فرمايائون تہ” مان محمد بن اسماعيل بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو انتظار ڪري رهيو آهيان.“ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ خبر پئي تہ امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وفات ٿي وئي. تحقيق ڪرڻ تي خبر پئي تہ جنهن رات سندن وصال ٿيو هو انهيءَ رات مون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي هئي. (سير اعلام النبلاء، 319/10)

اي عاشقانِ امام بخاري! يڪم شوال المڪرم 256 ھ (چنڊ واري رات) تي 62 سالن جي عمر ۾ امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو وصال شريف ٿيو. هڪ عرصي تائين پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قبر شريف مان مشڪ ۽ عنبر ڪان وڌيڪ خوشبو ايندي رهي. هر هر قبر تي مٽي وڌي ويندي هئي پر ماڻهو تبرڪ طور ڪڍي ويندا هئا. (طبقاتِ الڪبريٰ، 232/2، 233) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف سَمَرقند (اَزبڪستان) جي ويجهو خرتنگ نالي علائقي ۾ آهي. (سيراعلام النبلاء، 319/10،320)

## امام بخاري جي مزار جون برڪتون

حضرت ابو فتح سمرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سَمَرقندي ۾ قحط پيو (يعني بارش نہ ٿيڻ جي ڪري غذا جي گهٽتائي ٿي وئي). ماڻهن ڪيئي ڀيرا ”استسقاء جي نماز“ پڙهي، دعائون گهريون ويون پر بارش ڪونہ ٿي پوءِ هڪ نيڪ ماڻهو شهر جي قاضي وٽ ويو ۽ ان مشورو ڏنو تہ توهان شهر جي ماڻهن کي وٺي امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار تي وڃو ۽ اُتي وڃي الله ڪريم کان بارش جي دعا گهرو شايد الله پاڪ توهان جي دعا قبول فرمائي. شهر جي قاضي اهو مشورو قبول ڪري ورتو ۽ شهر جي ماڻهن کي وٺي امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف تي حاضر ٿيو، ماڻهن اتان خوب روئي روئي الله پاڪ کان نهايت عاجزي ۽ انڪساري سان دعا گهري ۽ امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي دعا جي قبوليت لاءِ درخواست ڪئي. انهي وقت آسمان تي ڪڪر چانئجي ويا ۽ ستن ڏينهن تائين لاڳيتو ايتري قدر بارش ٿيندي رهي جو ماڻهن کي ”خرتنگ“ ۾ رڪڻو پئجي ويو ڇوتہ وڌيڪ بارش جي ڪري”سَمرقند“ تائين پهچڻ

مشڪل ٿي ويو. (خَرتنگ کان سمرقند تائين ٽن ڏينهن جو فاصلو آهي.) (ارشاد الساري، 67/1)

الله ربُّ العزت جي انهن سيني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

اللہ غنی! شانِ ولی! راج دِلوں پر    دنیا سے چلے جائیں حکومت نہیں جاتی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!    صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ


هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net